# پُل صِراط جي دهشت

سنڌي ترجمو

هن رسالي ۾ . . . .


- ڪنيز جو خواب 1
- پُل صراط پندرهن هزار سالن جي راهه آهي 6
- پُل صراط تان گذرڻ جو منظر 6
- پُل صراط تان گذرڻ جا مختلف انداز 7
- فون جا ميوزيڪل آواز 18
- سامونڊي زلزلي جون تباهه ڪاريون 30



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه


مدني چينل ڏسندا رهو


مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیۡکَ یَا رَسُوۡلَ اللّٰہِ

# پُل صِراط

## جي دهشت

هي رسالو شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ **مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت برکاتهم العاليه جو أردو زبان ۾ تحريري بيان آهي.

**مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** (دعوت اسلامي) کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

﴿ **فون نمبر:** 021-34921389-90-91 ﴾

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# پُل صِراط جي دهشت

هي بيان مڪمل پڙهي ڪري شيطان جي وار کي ناڪام بڻايو.

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ مصطفيٰ:** صلى الله تعالیٰ عليه وآله وسلم مون تي درود پاڪ پڙهڻ پُل صِراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي اَسي80 ڀيرا درود پاڪ پڙهندو ان جا اَسي سالن جا گناهه معاف ٿي ويندا .

(الجامع الصغير ص 320 رقم الحديث 5191 دار الكتب العلميہ بيروت)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد
تُوبُوا اِلَى اللّٰه! اَسْتَغْفِرُ اللّٰه
صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪنيز جو خواب

حضرت سيدنا عمر بن عبد العزيز رضی الله تعالیٰ عنه جي ٻانهيءَ حاضر ٿي عرض ڪيو، مون خواب ۾ ڏٺو ته جهنم ۾ باهه ڀڙڪائي وئي آهي ۽ ان تي پُل صِراط رکي وئي آهي، ايتري ۾ اُموي خليفن کي آندو ويو، سڀ کان پهرين خليفي عبدالملڪ بن مروان کي

هي بيان امير اهلسنت دامت برڪاتهم العاليہ تبليغ قرآن وسنت جي عالمگيرغير سياسي تحريڪ دعوت اسلامي جي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀريي اجتماع (باب الاسلام سنڌ) 3،2،1 محرم الحرام 1426ھ صحراءِ مدينہ باب المدينہ ڪراچي ۾ فرمايو، ضروري ترميم سان تحريراً حاضر آهي
مجلس مڪتبة المدينہ

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

حڪم ٿيو ته پُل صِراط تان گذرو، هو پُل صِراط تي چڙهيو پر آهه! ڏسندي ئي ڏسندي دوزخ ۾ ڪري پيو، پوءِ ان جي پٽ وليد بن عبدالملڪ کي آندو ويو اهو به اهڙي طرح دوزخ ۾ وڃي ڪريو، پوءِ سليمان بن عبدالملڪ کي حاضر ڪيو ويو اهو به ائين دوزخ ۾ ڪري پيو، انهن سڀني کانپوءِ اي اميرالمؤمنين! توهان کي آندو ويو، بس ايترو ٻڌڻ هو جو حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ خوفزده ٿي رَڙ ڪئي ۽ ڪِري پيا ٻانهيءَ پڪاري چيو: "يا امير المؤمنين ٻڌو ته سهي خدا عَزَّوَجَلَّ جو قسم، مون ڏٺو ته توهان سلامتي سان پُل صِراط کي عبور ڪري ورتو آهي، پر حضرت سيدنا عمربن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ پُل صِراط جي دهشت کان بيهوش ٿي چڪا هئا ۽ انهيءَ عالم ۾ هيڏي هوڏي هٿ پير هڻي رهيا هيا." (احياءُالعلوم ج 4ص 197 دارالكتب العلميه بيروت)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِ الْاَمِين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## هاءِ اسان جي غفلت !!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حالانڪ غير نبي جو خواب شريعت ۾ دليل جي حيثيت نه ٿو رکي، پوءِ به توهان ڏٺو ته حضرت سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضی اللہ تعالیٰ عنہ پُل صِراط تان گذرڻ جي معاملي ۾ ڪيترا حُساس هئا. واقعي پُل صِراط جو معاملو ڏاڍو نازڪ آهي پُل صِراط وار کان سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي آهي ۽ اها

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

جهنم جي مٿان رکيل هوندي، خدا جو قسم هي سخت ڏُکيو مرحلو آهي هر ڪنهن کي ان تان گذرڻو ئي پوندو.

## پوءِ هي کِلڻ ڇا جو؟

حضرت سيدنا حسن بصري رَحۡمَۃُاللّٰہِ تعالیٰ عَلَیۡہِ هڪ شخص کي ڏٺو ته هو کلي رهيو آهي، فرمايائون: اي نوجوان! ڇا تون پُل صِراط تان گذري چڪو آهين؟ عرض ڪيائين: نه، پوءِ فرمايائون: ڇا هي ڄاڻين ٿو ته تون جنت ۾ ويندين يا دوزخ ۾؟ عرض ڪيائين، نه، فرمايائون: فَمَا هٰذا الضِّحَكُ؟ يعني پوءِ هي تنهنجو کلڻ ڇا جو آهي؟ يعني جڏهن اهڙيون مشڪلاتون تنهنجي سامهون آهن ۽ توکي پنهنجي ڇوٽڪاري جو به علم ناهي ته پوءِ ڪهڙي خوشي تي کلي رهيو آهين؟ ان کان پوءِ اهو شخص ايترو سنجيده ٿي ويو جو ڪنهن ڪيس ڪڏهن کلندي ڪونه ڏٺو.

(اخلاق الصالحين ص 44 مكتبة المدينہ باب المدينہ ڪراچي)

**الله عَزَّوَجَلَّ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بخشش ٿئي.**

اٰمِين بِجَاہِ النبیِ الاَمِین صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## خوش ٿيڻ واري تي حيرت

حضرت سيّدنا عبدالله بن مسعود رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: تعجب آهي ان کلڻ واري تي جنهن جي پويان جهنم آهي ۽ حيرت آهي ان خوشي ملهائڻ واري تي جنهن جي پويان موت آهي.

(تنبيہ المغترين ص 46 مكتبہ العلم دمشق)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

## هر ڪو پُل صِراط تان گذرندو

اُمُّ المؤمنين سيدتنا حفصه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته حضور اڪرم، نور مجسم، شاه بني آدم صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو: مون کي اميد آهي ته جيڪي بدر جي جنگ ۽ حديبيه ۾ حاضر هئا اهي باهه ۾ داخل نه ٿيندا، مون عرض ڪيو يا رسول الله صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ڇا الله تعاليٰ هي ناهي فرمايو:

وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ۚ كَانَ عَلٰى رَبِّكَ حَتْمًا مَّقْضِيًّا ۝ (پارہ ۱۶ سورہ مریم آیت نمبر ۷۱)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ توهان مان ڪو اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تان نه ٿئي توهان جي رب جي ذمي تي ضرور هي مقرر ڪيل ڳالهه آهي.

پاڻ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم فرمايو، ڇا توهان ناهي ٻڌو.

ثُمَّ نُنَجِّي الَّذِيْنَ اتَّقَوْا وَّنَذَرُ الظّٰلِمِيْنَ فِيْهَا جِثِيًّا ۝ (پارہ ۱۶ سورہ مریم آیت نمبر ۷۲)

**ترجمو ڪنزالايمان:** پوءِ اسان پرهيزگارن ڪي بچائي وٺنداسين ۽ ظالمن ڪي ان ۾ ڇڏي ڏينداسين گوڏن ڀر ڪريل.

(پ 16 **سورت مريم آيت نمبر**72)

(سنن ابن ماجه ج 4 ص 508 رقم الحديث 4281 طبقه دارالمعرفه بيروت)

## گناهگار جهنم ۾ ڪري پوندا

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن روايت مان معلوم ٿيو ته هر ڪنهن ڪي دوزخ تان گذرڻو پوندو خدا جو خوف رکندڙ مؤمنن ڪي بچايو ويندو، جڏهن ته گناهگار ۽ ظالم جهنم ۾ ڪري پوندا. آه ! آه ! آه ! ڏاڍو ڏکيو معاملو آهي، هاءِ ! هاءِ! پوءِ به

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

اسان غفلت جي ننڊ مان سجاڳ نٿا ٿيون .

دل ہائے گناہوں سے بیزار نہیں ہوتا مغلوب شہا نفسِ بدکار نہیں ہوتا
یہ سانس کی مالا اب بس ٹوٹنے والی ہے غفلت سے مگر یہ دل بیدار نہیں ہوتا
گو لاکھ کروں کوشش اِصلاح نہیں ہوتی پاکیزہ گناہوں سے کردار نہیں ہوتا
اے ربّ کے حبیب آؤ اے میرے طبیب آؤ
اچھّا یہ گناہوں کا بیمار نہیں ہوتا

## صحابي رضى الله تعالىٰ عنه جو روئڻ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پُل صِراط تان گذرڻ وارو معاملو آسان ناهي، اسان جا بزرگ ان معاملي ۾ تمام گهڻو فڪرمند ۽ غمگين رهندا هئا، جيئن حضرت سيدنا امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحْمَةُ اللّٰهِ تعالىٰ عليه نقل فرمائن ٿا: ”حضرت سيدنا عبدالله بن رواحه رضى الله تعالىٰ عنه کي هڪ دفعي روئندي ڏسي سندن گهرواريءَ رضى الله تعالىٰ عنها عرض ڪيو: توهان کي ڪهڙي ڳالھ روئاريو آهي؟ پاڻ فرمايائون: ”مون کي الله عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان ياد اچي ويو. وَاِنْ مِّنْكُمْ اِلَّا وَارِدُهَا ﴿پارہ ۱۶ سورہ مریم آیت نمبر ۷۱﴾ (**ترجمو ڪنزالايمان**: ۽ توهان مان ڪو به اهڙو ناهي جنهن جو گذر دوزخ تي نه ٿئي) ۽ مون کي اها خبر ناهي ته مان ان کان نجات به حاصل ڪري سگهندس يا نه.

(المستدرڪ للحاڪم ج 4 ص 631 رقم الحديث 8748 دارالڪتب العلميه بيروت)

## ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مون کي نه ڄڻيو هجي ها!

حضرت سيدنا ابوميسره عمرو بن شرجيل رضى الله تعالىٰ عنه هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

دفعي بستري تي آرام ڪرڻ لاءِ تشريف کڻي ويا ته بيقرار ٿي فرمائڻ لڳا: ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مون کي نه ڄڻيو هجي ها. سندن گهرواريءَ رحمۃ اللہ علیہا عرض ڪيو: توهان ائين ڇو ٿا فرمايو؟ فرمايائون: بيشڪ الله تعاليٰ جهنم تان گذرڻ جي خبر ڏني آهي پر اها خبر ناهي اسان ان مان نڪرنداسين يا نه.

(البدور السافرة ص 352 دار الکتب العلميه بيروت)

## پُل صِراط پندرهن هزار سالن جي راهه آهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** الله تعاليٰ اسان تي رحم فرمائي، پُل صراط جو سفر تمام گهڻو ڏکيو آهي جيئن حضرت سيدنا فضيل بن عياض رَحمَۃُاللہِ تعالیٰ علیہ کان روايت آهي پُل صِراط جو سفر پندرهن هزار سالن جي راهه آهي. (يعني 15 هزار سالن ۾ هڪ تيز رفتار گهوڙو جيترو رستو طئي ڪري اوترو ڏکيو سفر آهي) پنج هزار سال مٿي چڙهڻ جا پنج هزار سال هيٺ لهڻ جا ۽ پنج هزارسال برابر جا، پُل صِراط وار کان وڌيڪ سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي آهي ۽ اها جهنم جي مٿان ٺهيل آهي، ان تان اهو گذري سگهندو جيڪو خدا جي خوف جي ڪري ڪمزور ۽ هيڻو هوندو.

( البدور السافره ص 433 طبع دار الکتب العلميه بيروت )

## پُل صِراط تان گذرڻ جو منظر

**مٺامٺا اسلامي ڀائرو!** تصوّر ڪيو! ان وقت ڇا گذرندو؟ جڏهن قيامت جي ميدان ۾ سج سوا نيزي تي رهي باهه وسائي رهيو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

هوندو، ماڻهو اگهاڙين لڱن ۽ پيرين اگهاڙي ٽامي جي ٻرندڙ زمين تي بيٺا هوندا ميڃالا ٻڙڪي رهيا هوندا، جگر ڦاٽي پيا هوندا، اهڙي خوفناڪ حالت ۾ پُل صِراط تان گذرڻ جو مرحلو درپيش هوندو، ان تان گذرڻ لاءِ دنياوي طاقتور ۽ باڪسر، جانٺو جوان ۽ پهلوان، تيز ۽ چالاڪ تکي رفتار وارو خلاباز ۽ ڪراٽي باز ۽ ٿلهو متارو هئڻ جي ضرورت ناهي بلڪ حضرت سيدنا فضيل بن عياض رضی اللہ تعالیٰ عنہ جي فرمان مطابق خدا جي خوف سببان ڪمزور هيڻا ۽ ڏٻرا رهڻ وارا پُل صِراط کي آسانيءَ سان پار ڪري ويندا .

## پُل صِراط تان گذرڻ وارن جا مختلف انداز

اُمُّ المؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رضی اللہ تعالیٰ عنہا کان روايت آهي تہ منهنجي سرتاج، صاحب معراج محبوبِ ربِّ بي نياز صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم جن فرمايو: جهنم تي هڪ پُل آهي جيڪا وار کان وڌيڪ سنهي ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي آهي ان تي لوهہ جا ڪنڊا ۽ ڪانٽا هوندا جيڪي انکي پڪڙيندا جنهن کي الله چاهيندو ماڻهو ان تان گذرندا، ڪي اک ڇنڀ وانگر (گذرندا) ڪي بجلي جيان، ڪي هوا وانگر، ڪي بهترين ۽ سٺن اٺن وانگر (گذرندا) ملائڪ چوندا هوندا. رَبِّ سَلِّم ، رَبِّ سَلِّم، اي پروردگار سلامتي سان گذار، اي پروردگار سلامتي سان گذار، ڪجهہ مسلمان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا، ڪجهہ زخمي ٿيندا، ڪجهہ اونڌا ٿيندا، ڪجهہ منهن

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مونِ تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

پر جهنم ۾ ڪري پوندا. (مسند امام احمد ج 9 ص 415 رقم الحديث 24847)

یاالٰہی جب چلوں تاریک راہِ پُلصِراط آفتابِ ہاشمی نورُ الھُدیٰ کاساتھ ہو
یاالٰہی جب سرِ شمشیر پر چلنا پڑے ربِّ سلّم کہنے والے غمزُدا کا ساتھ ہو
یاالٰہی! نامہ اعمال جب کُھلنے لگیں
عیب پوشِ خلق ستّارِ خَطا کاساتھ ہو (حدائقِ بخشش)

## آخرت ۾ تنگي جو هڪ سبب

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جهنم جي باهہ ڪاري هوندي ۽ پُل صِراط تي اونداهي ڇانيل هوندي فقط اهو ئي ڪامياب ٿيندو جنهن تي ربُّ الاڪرم جو فضل ۽ ڪرم هوندو، جيئن حضرت سيدنا سهل بن عبدالله تستري عليہ الرحمہ کان روايت آهي تہ جنهن تي دنيا ۾ تنگي ٿي ان تي آخرت ۾ ڪشادگي ٿيندي ۽ جنهن تي دنيا ۾ ڪشادگي ٿي ان تي آخرت ۾ تنگي ٿيندي.

(حلية الاولياء ج 10 ص 207 رقم الحديث 14958 دارالڪتب العلميہ بيروت)

حضرت سيدنا سعيد بن ابي هلال رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمايو تہ مون وٽ هي ڳالهہ پهتي آهي تہ قيامت جي ڏينهن پُل صِراط ڪجھ ماڻهن لاءِ وار کان وڌيڪ سنهي هوندي ۽ ڪجھ ماڻهن لاءِ گهر ۽ ڪشادي وادي وانگر هوندي. (شعب الايمان ج 1 ص 333 دارالڪتب العلميہ)

اہلِ صراط رُوحِ امیں کو خبر کریں جاتی ہے اُمّتِ نَبَوی فرش پَر کریں
سرکار! ہم کمینوں کے اطوار پر نہ جائیں آقا حُضور اپنے کرم پر نظر کریں

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : توهان جتي به هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي.

## مال گهٽو ته وبال به گهٽو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** دستور آهي ته جيترو مال گهٽو هوندو اوترو ئي وبال به گهٽو هوندو سفر جو به اصول آهي ته بس يا ريل گاڏي وغيره ۾ جنهن وٽ وڏيڪ سامان هوندو آهي اهو اوترو ئي پريشان هوندو آهي ۽ جيڪي ٻاهرين ملڪن جو سفر اختيار ڪندا آهن انهن کي تجربو هوندو ته گهٽي سامان وارا ڪسٽم وغيره ۾ ڪيترا پريشان ٿيندا آهن اهڙي طرح جنهن وٽ دنيا جي مال جو ٻوجھ گهٽ هوندو ان کي آخرت ۾ آساني رهندي، جيئن

## ڳوري ٻوجھ وارا ڪير؟

حضرت سيدنا انس رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ فرمايو: ته الله جا محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عن العُيُوب صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم حضرت ابوذر رضی اللّٰہ تعالٰی عنہ جو هٿ پڪڙي تشريف ڪٺي آيا ۽ ڪين فرمايائون: اي ابوذر! ڇا تون ڄاڻين ٿو ته اسان جي اڳيان هڪ سخت اڙانگو پيچرو آهي ان تان فقط هلڪي ٻوجھ وارا گذري سگهندا. هڪ شخص عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم مان ڳوري ٻوجھ وارن مان آهيان يا هلڪي ٻوجھ وارن مان؟ فرمايائون: ڇا تو وٽ اڄ جو کاڌو آهي؟ عرض ڪيائين: "جي ها" فرمايائون: سڀاڻي جو کاڌو اٿئي؟ عرض ڪيائين"جي ها"فرمايائون: پَرِينهَن جو کاڌو اٿئي؟ عرض

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

ڪيائين جي نه، پاڻ فرمايائون: جيڪڏهن تو وٽ ٽن ڏينهن جو کاڌو هجي ها ته تون ڳوري بوجھ وارن مان هجي ها .

(المعجم الاوسط للطبراني ج 3 ص 348 حديث 4809 دارالکتب العلميہ بيروت)

رَحمۃٌ لِّلْعٰلمیں! تیری دُہائی دب گیا

اب تو مولیٰ بے طرح سر پر گُنہ کا بار ہے

## بوجھہ ئي بوجھہ

**مدني اسلامي ڀائرو!** اسان وٽ ٽن ڏينهن جي کاڌي جي ذخيري جي ته ڳالھ ئي ڇا ڪجي؟ فقط حِرص جي سبب قسمين قسمين غذائن سان فرج ڀريل هوندي آهي ۽ بنا ضرورت جي هر شيءِ جو انبار لڳل رهندو آهي، آھ اسان حريصن جو ڇا بڻجندو؟ دولت جي ڪثرت جو بوجھه، وڏيڪ مال وڌائيندي وڃڻ جي هَوَس جو بوجھ ئي بوجھ آهي آھ! ايترو بوجھ هوندي پل صراط تان گذرڻ جي ڇا صورت هوندي؟

بوجھ ہے سر پر کوہِ گنہ کا — آپ ہی کا ہے مجھ کو سہارا

میری مدد ہو شافعِ محشر — صلَّی اللہ علیہ وسلَّم

## روزانو ڪارڊ ڀريو

پنهنجن گناهن تي سچي دل سان پشيمان ٿي سچي توبہ ڪري دعوت اسلامي جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول صَلَّی اللّٰہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم سان سنتن ڀريو سفر اختيار فرمايو ۽ فڪر مدينہ جي ذريعي روزانو مدني انعامات جو ڪارڊ ڀري ڇڏيندا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

ڪريو، ڏسو! مدني انعامات جو عامل بڻجڻ جو اصل طريقو اهو ئي آهي ته روزانو ئي ڪارڊ پريو وجي جيڪي واقعي دعوت اسلامي وارا هوندا ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ اهي روزانو ئي مدني انعامات جو ڪارڊ پريندي ملندا ها ظاهري طور تنظيمي ذميداري ئي سهي پر ان جو روازانو ڪارڊ نه پرڻ منهنجي نزديڪ غير ذميداراڻو ڪم آهي توهان مدني انعامات جو ڪارڊ بالفرض روزانو نٿا پري سگهوته گهٽ ۾ گهٽ 92 سيڪنڊن تائين ڏسي ئي وٺندا ڪيو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ڪڏهن نه ڪڏهن پرڻ جو جذبو به ملي ئي ويندو ۽ ان جي برڪت سان ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ آخرت جي تياري ۽ قبرو حشر جي روشني ۽ پُل صِراط تي نور حاصل ڪرڻ جي تڙپ پيدا ٿيندي .

## نــور وارا مسلمان

الله عَزَّوَجَلَّ جو جنهن تي ڪرم ٿيندو ان کي اهڙو نور عطا ٿيندو جو ان جا بيڙا پار ٿي ويندا، جيئن 27 سيپاري سورة الحَدِيد جي ٻارهين آيت مبارڪ ۾ الله نُورُ السَّمٰوٰتِ والاَرض جو ارشاد آهي:

يَوۡمَ تَرَى الۡمُؤۡمِنِيۡنَ وَالۡمُؤۡمِنٰتِ يَسۡعٰى نُوۡرُهُمۡ بَيۡنَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَبِاَيۡمَانِهِمۡ
﴿پ۲۷، الحدید:۱۲﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن تون ڏسندين ايمان وارن مردن ۽ ايمان وارين عورتن کي ته انهن جو نور انهن جي اڳيان ۽ سندن سڄي طرف ڪان ڊوڙي ٿو.

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درودشريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

## ايمان جي نور جو شان

الله تعاليٰ جي خاص عنايت سان جيڪو خوش قسمت مسلمان نور سان معمور ٿي جڳمڳ جڳمڳ ڪندو جهومندو پل صراط تان گذرندو ان جي شان جو رحمت عالميان صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم جي هن فرمان عاليشان مان اندازو لڳايو: ”دوزخ مؤمن کي چوندو اي مؤمن! جلدي جلدي گذري وڃ ان لاءِ جو تنهنجي نور منهنجي باهه کي وسائي ڇڏيو آهي“.

(شعب الايمان رقم الحديث 375 ج 1 ص 340 دارالڪتب العلميہ بيروت)

پُل سے گزارو راہ گزر کو خبر نہ ہو

جبریل پر بچھائیں تو پر کو خبر نہ ہو

## حشر ۾ نور ڏيارڻ وارا پنج فرامين مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جن جن نيڪ عملن سان قيامت جي ڏينهن مومن ڀائرن کي نور عطا ڪيو ويندو انهن جي باري ۾ پنج فرمانِ مُصطَفَوِي صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم ملاحظہ فرمايو:

### ﴿1﴾ بي نمازي جي شامت

جنهن نمازن جي حفاظت ڪئي ان لاءِ قيامت ۾ نور ۽ دليل ۽ ڇوٽڪارو هوندو ۽ جنهن نماز جي حفاظت نہ ڪئي ان لاءِ نہ نور هوندو ۽ نہ برهان ۽ نہ ڇوٽڪارو (يعني بي نمازي) قيامت ۾ قارون، فرعون، هامان ۽ (منافقن جي سردار) اُبَيّ بن خَلف سان اٿاريو ويندو. (مسند امام احمد ج 2 ص 574 رقم الحديث 6587 دارالفڪر بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

## ﴿2﴾ اونداهيءَ ۾ مسجد ڏانهن وڃڻ جي فضيلت

اونداهيءَ ۾ مسجد ڏانهن وڃڻ وارن کي قيامت ۾ مڪمل نور جي خوشخبري ڏيو. (سنن ابي داؤد ج 1 ص 222 حديث 571 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## ﴿3﴾ مشڪل حل ڪرڻ جي فضيلت

جنهن ڪنهن مسلمان ڀاء جي مشڪل آسان ڪئي الله تعاليٰ قيامت ۾ پُل صِراط تي ان جي لاءِ نور جا ٻہ شعبا ٺاهيندو، انهن جي روشني سان هڪ عالَم روشن ٿي ويندو جن جي ڳڻپ رب العِزّت پاڻ ئي ڄاڻي ٿو.

(طبراني في الاوسط ج 3 ص 254 رقم الحديث 4504 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## ﴿4﴾ ڪلمي جي فضيلت

جيڪو سؤ دفعا لَااِلٰہَ اِلَّا اللهِ پڙهندو قيامت ۾ هن طرح اٿندو جو ان جو چهرو چوڏهين رات جي چنڊ وانگر چمڪي رهيو هوندو.

(مجمع الزوائد ج 10 ص 96 رقم الحديث 16830 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## ﴿5﴾ بازار ۾ ذڪر جي فضيلت

بازار ۾ الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ واري جي لاءِ هر وار جي بدلي ۾ قيامت ۾ نور هوندو.

(شعب الايمان ج 1 ص 412 رقم الحديث 567 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## 10 لک نيڪيون

سُبحٰن الله! بازار جي غفلت ڀريل رونقن کان جڏهن بہ گذرڻو پئجي وڃي تہ نظرن جي حفاظت سان گڏوگڏ ذڪر ۽ درود

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم : جنهن مون تي جمعه جي ڏينهن ۾ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ۾ سؤ سالن جا گناهه معاف ڪيا ويندا.

جو ورد شروع ڪري ڇڏيو ۽ هڪ دفعو چوٿون ڪلمو يعني:
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحدَه، لَا شَرِيْکَ لَه، ط لَهُ الْمُلْکُ وَلَهُ الْحَمْدُ يُحْيِیْ وَيُمِيْتُ وَهُوَ حَیٌّ لَّا يَمُوْتُ بِيَدِهِ الْخَيْرُ ط وَهُوَ عَلٰی کُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ط ضرور پڙهو ان شاء الله 10 لک نيڪيون ملنديون 10 لک گناهه معاف ٿيندا ۽ 10 لک درجا بلند ٿيندا. (جامع ترمذي شريف ج 5 ص 270 رقم الحديث 3439 دارالڪتب العلميه بيروت)

هے ربِّ سلِّم صدائے محمد صلَّى الله عليه وسلَّم

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** قبر حشر ۽ پُل صِراط تي نور مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم جي صدقي ان شاء الله عزوجل اسان غلامان مصطفيٰ کي نور ئي نور ملندو جو قيامت جي ڏينهن اسان جي مني مني آقا مديني واري مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه وآله وسلم کي پنهنجن غلامن لاءِ ڳڻتي هوندي رَبِّ سلِّم، رَبِّ سلِّم يعني پروردگار! سلامتي سان گذار! پَروَردگار سلامتي سان گذار واري دعا هر هر فرمائي رهيا هوندا. عاشق ماهِ رسالت اعليٰ حضرت عليه الرحمه فرمائن ٿا:

رضاؔ پُل سے اب وَجد کرتے گزریئے ۔۔۔ کہ ہے ربِّ سلِّم صدائے محمد

## نور کان محروم ماڻهو

ها جيڪو بدنصيب نماز نه پڙهندو، ڏاڙهي ڪوڙائيندو يا هڪ مٺ کان گهٽائيندو ماءُ پيءُ کي ستائيندو اولاد کي شريعت جي پابندي کان روڪي مادرن ٻڌائيندو، زال ۽ بالغ نياڻين کي بنا پردي جي گهمائيندو فلمن، ڊرامن، گانن، حرام روزين، وياج

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نه پڙهي ته ان جفا ڪئي.

جي واپارن، ملاوٽن، ڏوڪي بازين، گندين گارين، گلائن، چغلين، عيب جوئين، بدنگاهين، بداخلاقين، مسلمانن جي بنا شرعي اجازت دل آزارين، بي نمازي ۽ فيشن پرست خراب دوستن، شهوت هجڻ باوجود اَمردَن جي صحبتن وغيره وغيره گناهن کان نه بچندو، ان لاءِ غور جو مقام آهي جيڪڏهن الله عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جو پيارو حبيب صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم ناراض ٿي ويا ۽ گناهن جي سبب ايمان برباد ٿي ويو ته يقيناً ناقابل برداشت دائمي عذابن کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ پُل صِراط تي نور به نه ملندو جيئن:

## تنهنجي لاءِ ڪو نور ناهي

حضرت سيدنا امام جلال الدين سيوطي شافعي عليه الرحمه "اَلبُدُورُ السَّافِرہ" ۾ نقل ڪن ٿا: "بيشڪ توهان الله تعاليٰ وٽ پنهنجن نالن ۽ نشانين ۽ پنهنجن سرگوشين ۽ مجلسن يعني صحبتن سميت لکيل آهيو، جڏهن قيامت جو ڏينهن ايندو ته پڪار ٿيندي "اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا" هي تنهنجو نور آهي ۽ اي فلاڻا پٽ فلاڻي جا تنهنجي لاءِ ڪو نور ناهي."

(البدور السافره ص 335 دارالڪتب العلميہ بيروت)

## نور کان محروم ٿيڻو

منافق قيامت جي ڏينهن هن حال ۾ ايندا جو انهن وٽ ايمان جو نور نه هوندو ۽ خوشنصيب ايمان وارن جو نور ڏسي انهن کي تمام گهڻي حسرت ٿيندي ۽ انهن کان نور پڇندا، پر نور کان

**فرمانِ مصطفيٰ** صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : **ان شخص جو نڪ متيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نه پڙهي.**

محروم ٿي رهندا جيئن سيپاري 27 سورةُ الحَدِيد جي تيرهين آيت ڪريمه ۾ الله ربُّ العِزّت جو فرمان آهي:

يَوْمَ يَقُوْلُ الْمُنٰفِقُوْنَ وَ الْمُنٰفِقٰتُ لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوا انْظُرُوْنَا نَقْتَبِسْ مِنْ نُّوْرِكُمْ ۚ

﴿پ٢٧ سورة الحديد آيت ١٣﴾

**ترجمو ڪنزالايمان:** جنهن ڏينهن منافق مرد ۽ منافق عورتون مسلمانن کي چوندا هڪ نظر اسان ڏانهن نهاريو جيئن اسان توهان جي نور مان ڪجه حصو وٺون .

## ايمان تي خاتمي جي ڪنهن وٽ گارنٽي ناهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ياد رکو! ڇوٽڪارو ايمان تي خاتمي سان مشروط آهي، حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الاَعمَالُ بِالخَواتِيم (ڪشف الخفاء ج 1 ص 156 رقم 428 موسسته الرساله بيروت) يعني عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي، آه ! اسان مان ڪنهن وٽ به هي گارنٽي ناهي ته اسان جو خاتمو ايمان تي ٿيندو، الله تعاليٰ جي خفيه تدبير اسان جي باري ۾ ڇا آهي ان کان اسان اڻ ڄاڻ آهيون ۽ اها ئي سڀ کان وڏي خوف جي ڳالهه آهي، بري خاتمي جي ڊپ کان وڏا وڏا اولياء سڳورا عليهم الرضوان خوفزده رهندا هئا، مهرباني ڪري ان جي وڌيڪ معلومات لاءِ "اللہ کی خفیہ تدبیر" نالي بيان جي ڪيسٽ ٻڌو، ان شاء الله، توهان خدا جي خوف کان ڏڪي اٿندؤ پڻ **"بري خاتمي جا اسباب"** نالي ننڍو رسالو هديو ڏئي حاصل ڪري ضرور پڙهو، جيڪڏهن دل زنده هوندي ته ايمان جي حفاظت جي فڪر جي جذبي تحت ان شاء الله جَلَّ جَلالُه توهان روئي پوندؤ. اڄڪلهه ڪي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

ماٺهو ڳالهه ڳالهه تي ڪفريه جملا بڪندا آهن ڪفريه جملن جو علم حاصل ڪرڻ هر عاقل بالغ مسلمان مرد ۽ عورت تي فرض آهي، تقريباً 500 ڪفريه جملن جي مثالن تي مبني ڪتاب ”ایمان کی حفاظت“ هديو ڏئي حاصل ڪيو، گڏوگڏ عام طور تي گهرن ۾ ڳالهائجندڙ ڪفريه جملن جي مثالن تي مشتمل پاڪيٽ سائز رسالو ”28 **ڪفريه جملا**“ هديو ڏئي حاصل ڪيو منهنجو مدني مشورو آهي ته ٿي سگهي ته هي رسالو ٻارهن سؤ يا هڪ سؤ ٻارهن نه ٿي سگهي ته گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن خريد ڪري ضرور ورهائي ڇڏيو ممڪن هجي ته اخبار وڪڻندڙن سان ترڪيب ٺاهيو جو اهي ان شاء الله جَلَّ جَلالُہ اخبار سان گڏ گهر گهر ۽ دڪان دڪان ۾ توهان جو رسالو ورهائي ڇڏيندا، ائين توهان کي ۽ انهن کي به ثواب ملي ويندو، سنتن ڀريي بيانن جو ڪيسٽون ۽ رسالا مڪتبة المدينه تان هديو ڏئي حاصل ڪري سگهو ٿا.

## اذان جي دؤران گفتگو

بهارشريعت حصي 3 ۾ فتاوٰي رضويه جي حوالي سان آهي: ”جيڪو اذان جي وقت ڳالهين ۾ مشغول رهي، ان جو معاذالله خاتمو بري ٿيڻ جو خوف آهي .“(بهارشريعت حصو 3 ص 38 ) تنهنڪري ڀرين اذان تي خاموش رهي اسان کي جواب ڏيڻ گهرجي، اڄڪلهه مسلمانن جي ان طرف ڌيان گهٽ آهي، ان ضمن ۾ هڪ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ڪارڊ تيار ڪيو ويو آهي ان کي مڪتبةالمدينہ تان حاصل ڪري درود شريف ۽ اذان جي وچ ۾ پڙهي ٻڌائڻ جي هر مسجد ۾ ترڪيب بڻايو ان شاء الله جَلَّ جَلالُہ مدني انقلاب برپا ٿي ويندو.

## فون جا ميوزيڪل ٽيون

نماز جي دوران ڪي ماڻهو موبائيل فون بند ڪرڻ وساري ڇڏيندا آهن ۽ جيئن تہ موسيقي ٻڌڻ جهڙي جهنم ۾ پهچائڻ واري ڪم کان بچڻ جو احساس بہ گهٽ ٿي ويو آهي، تنهنڪري مَعَاذَالله مسجد اندر قسم قسم جا ميوزيڪل ٽيونز وڄڻ شروع ٿي ويندا آهن پهريون تہ موسيقي جي منحوس ٽيون کان فون کي پاڪ ڪيو ۽ توبہ ڪيو ۽ احترام خاطر مسجد ۾ موبائل فون بند رکندا ڪيو، ان سلسلي ۾ بہ اذان جي اعلان جو ڪارڊ حاصل ڪري عام ڪيو، اهڙي طرح خطبي جي دؤران ٿيڻ وارن گناهن جي نشاندهي لاءِ بہ هڪ ڪارڊ مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪيو ۽ مسجد مسجد ۾ پهچائڻ جي مدني تحريڪ شروع ڪري ڏيو ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ثواب جا انبار لڳي ويندا.

(انهن ڪارڊن جو مضمون رسالي جي آخر ۾ ڏسندا)

## هزار سالن کان پوءِ دوزخ مان ڇوٽڪارو

حضرت سيدنا حسن بصري عليہ الرحمہ فرمايو هڪ شخص جهنم مان هڪ هزار سالن کانپوءِ ڪڍيو ويندو (پوءِ فرمايائون) ڪاش!

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

اهو شخص مان هجان ها حُجَّةُ الاسلام حضرت سيدنا امام محمد غزالي عليه الرحمة الله الوالي فرمائن ٿا پاڻ اها ڳالهه ان لاءِ فرمايائون جو جيڪو شخص هزارسالن کان پوءِ ڪڍيو ويندو ان جي باري ۾ هي ڳالهه يقيني آهي ته ان جو خاتمو ايمان تي ٿيو هوندو.

(احياء العلوم ج 4 ص 198 دارالكتب العلميه بيروت)

## 40 سالن تائين نه کِليا

**مٺاما اسلامي ڀائرو!** حضرت سيدنا حسن بصري عليه الرحمه خوف جي غلبي سبب هڪ هزار سالن کان پوءِ جهنم مان ڇوٽڪارو ملڻ واري شخص جي ايمان تي خاتمي ٿيڻ تي رشڪ ڪندي فرمايو ته ڪاش! اهو شخص مان هجان ها. آهه! هزار سال ته تمام وڏي ڳالهه آهي خدا جو قسم هڪ گهڙي جو ڪروڙون حصو به جهنم جو عذاب برداشت ٿيڻ ممڪن ناهي، حضرت سيدنا حسن بصري عليه الرحمه جي خدا جي خوف جي غلبي جو عالم ته ڏسو! روايت آهي ته پاڻ 40 سالن تائين نه کِليا، سندن کي وينل ڏسي ائين معلوم ٿيندو هو ڄڻ هڪ هراسيل قيدي آهي جنهن کي سسي لاهڻ لاءِ آندو ويو آهي ۽ جڏهن پاڻ گفتگو فرمائيندا هئا ته ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ آخرت نظرن جي آڏو آهي ۽ ان کي ڏسي ڏسي منظر بيان ڪري رهيا آهن ۽ جڏهن خاموش هوندا هئا ته ائين لڳندو هو ڄڻ سندن اکين جي وچ ۾ باهه ڀڙڪي رهي آهي، جڏهن عرض ڪيو ويو ته توهان ايترو غمگين ڇو

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واله وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏِينهن مان ان سان مصافحو ڪندس.

رهندا آهيو؟ فرمايائون مون کي ان ڳالهه جو خوف ڪائي رهيو آهي تہ جيڪڏهن الله عزوجل منهنجا ڪي ناپسنديده عَملَ ڏسي مون تي غضب فرمايو ۽ فرمائي ڇڏيائين تہ وڃ! مان توکي نٿو بخشان تہ منهنجو ڇا بڻجندو؟ (احياء العلوم ج 4 ص 198 دارالڪتب العلميہ)

## ٿڙندي ٿاٻڙندي لنگهڻ وارا

حضرت سيدنا امام محمد غزالي عليہ الرحمہ نقل ڪن ٿا تہ الله تعاليٰ اڳين ۽ پوئين کي هڪ معلوم ڏينهن قيامت جي ڏينهن هڪ جڳهہ تي گڏ ڪندو (هونئن تہ قيامت جو ڏينهن پنجاهہ هزار سالن جو آهي پر ان ۾ هڪ مرحلو اهو بہ هوندو) جو چاليهہ سالن تائين ماڻهن جون نظرون مٿي لڳل هونديون اهي فيصلي جا منتظر هوندا، مومنن کي انهن جي عملن جي مطابق نور عطا ڪيو ويندو ڪنهن کي وڏي جبل جيڏو نور ۽ ڪنهن کي ڪجي جي وڻ جيڏو تہ ڪنهن کي ان کان بہ گهٽ ايتري تائين جو انهن مان آخري شخص کي پيرن جي آڱوٺي جيترو نور عنايت ڪيو ويندو جيڪو ڪڏهن چمڪندو ۽ ڪڏهن وسامي ويندو، جڏهن ان جو نور چمڪندو تہ هو هلندو ۽ جڏهن وسامي ويندو تہ اونداهيءَ جي ڪري رڪجي ويندو، پوءِ هر ڪو پنهنجي پنهنجي نور جي مطابق پُل صِراط پار ڪندو، ڪو تہ اک ڇنڀ ۾ گذري ويندو، ڪو ڪنوڻ وانگر، ڪو ڪڪر وانگر، ڪو تاري ٽٽڻ وانگر، ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعالي ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

گهوڙي ڊڪڻ وانگر، ڪو ماڻهو جي ڊوڙڻ وانگر گذرندو جنهن کي پيرن جي آڱوني جيترو نور ڏنو ويندو اهو منهن هٿن ۽ پيرن پر گذرندو، حالت هي هوندي ته هڪ هٿ وڌائيندو ٻيو اٽڪي پوندو جڏهن هڪ پير اٽڪي پوندو ته ٻيو پير ڇڪي وڌائيندو ۽ سندس ڪُک تائين باهه پهچي ويندي هو ائين ئي ٿڙندو ٿاٻڙندو آخرڪار پُل صِراط پار ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو، اتي بيهي پنهنجي پروردگار جو حمد بيان ڪندو، پوءِ ان کي جنت جي دروازي جي ڀرسان هڪ کوهه تي غسل ڏنو ويندو.

(ملخصاً احياء العلوم ج 4 ص 558 دارالڪتب العلميه بيروت)

پُل صِراط آہ ہے تلوار کی بھی دھار سے تیز　　کس طرح سے میں اسے پار کروں گا یارب
میرے محبوب کے ربّ! تیرا کرم ہو گا تو　　پُل کو بجلی کی طرح پار کروں گا یارب

## منهنجو ڇا ٿيندو؟

**مٺاميٺا اسلامي ڀائرو!** جن خوش نصيبن جو ايمان تي خاتمو ٿيندو اهي آخرڪار نجات حاصل ڪري وٺندا ۽ جنهن جو ايمان برباد ٿي ويو ۽ بنا توبه ڪرڻ جي مري ويو ان جي نجات جي ڪا صورت ئي ناهي هر ڪنهن کي ڊڄڻ گهرجي ته نه ڄاڻ منهنجو ڇا بڻجندو! پُل صِراط جهنم تي ٺهيل آهي ۽ ان تان بنا گذرڻ جي جنت ۾ وڃڻ ممڪن ناهي.

## پُل صِراط تان ٽَذرڻ جو ڏڪائيندڙ تصور

حُجَّةُالِاسلام امام محمد غزالي علیہ الرحمہ جي فرمان جو خلاصو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

آهي ته جيڪو شخص هن دنيا ۾ صِراطِ مُستَقِيم تي قائم رهيو اهو قيامت جي ڏينهن پُل صِراط تي هلڪو سلڪو ئي ڇوٽڪارو حاصل ڪري ويندو ۽ جيڪو دنيا ۾ استِقامت کان هٽي ويو نافرمانين ۽ گناهن جي سبب ان جي پٺي ڳوري ٿي ته ڦهرئين ئي قدم ۾ پُل صِراط تان ترڪي ڪري پوندو، اي ڪمزور ٻانها! ڪجهه غور ته ڪر! جڏهن تون پُل صِراط ۽ ان جي سنهي هجڻ کي ڏسندين ته ڪيترو گهٻرائيندين، پوءِ ان جي هيٺان جهنم جي خوفناڪ اونداهيءَ تي تنهنجي نظرپوندي، هيٺان جهنم جو هُل هنگامو ٻڌڻ ۾ ايندو، باهه جي بلند شعلن جو گوڙ گهمسان تنهنجن ڪنن سان ٽڪرائيندو، تون سوچ ته سهي! ان وقت تو تي ڪيتري دهشت طاري هوندي، ياد رک! تنهنجي دل چاهي ڪيتري بيقرار ۽ ويڳاڻي ڇو نه هجي، پير ترڪندا هجن ۽ پٺي تي ايترو بوجهه هجي جو ايترو بوجهه کڻي هموار زمين تي هلڻ به تنهنجي لاءِ ڏکيو هجي، تون ڪيترو به ڪمزوري جي حالت ۾ هجين پر توکي پُل صِراط تي هلڻو ئي پوندو، تون تصور ته ڪر جو وار کان سنهيءَ ۽ تلوار کان وڌيڪ تکي پُل صِراط تي به نه چاهيندي به جڏهن تون ڦهريون قدم رکندين ۽ ان جي سخت تيزيءَ کي محسوس ڪندين پر پوءِ به ٻيو قدم کڻڻ تي مجبور هوندين ماڻهو تنهنجي سامهون ترڪي ترڪي جهنم ۾

ڪري رهيا هوندا، ملائڪ ماڻهن کي وڏن وڏن ڪانٽن ۽ لوهه جي خوفناڪ انگوڙن سان ڇڪي ڇڪي جهنم ۾ وجهي رهيا هوندا، تون ڏسي رهيو هوندين ته اهي روئندي رڙندي منهن ڀر جهنم ۾ ڪري رهيا هوندا تون سوچ ان وقت تنهنجي خوف سبب ڇا حالت هوندي؟

## جهنم ۾ ڪِرڻ وارن جون دانهون

جهنم جي گهرائين مان روج راڙو ۽ هاءِ! اُوهه جون دانهون تنهنجن ڪنن ۾ پئجي رهيون هونديون، بيشمار ماڻهو پُل صِراط تان ڪري جهنم ۾ وجي پوندا، تون سوچ ته سهي جيڪڏهن تنهنجو پير به ترڪي ويو ته تنهنجو ڇا بڻجندو! ان وقت جي شرمساري ۽ پشيماني تو کي ڪو فائدو نه ڏيندي، تنهنجو روئڻ پٽڻ ۽ دانهون ڪرڻ توکي تباهي کان نه بچائي سگهندو ان وقت تنهنجون حسرت ڀريل دانهون ڪجهه هيئن هونديون، آهه! مان هن ئي ڏينهن کان ڊڄندو هوس، هاءِ ڪاش! مان پنهنجي آخرت جي لاءِ ڪجهه نيڪيون اڳتي موڪليان ها ۽ سنتون اپنايان ها، اي ڪاش! صد ڪروڙ ڪاش! مان مٺي مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ٻڌايل راهه تي هلان ها! هاءِ ڪاش! مان مٽي ٿي وڃان ها! اي ڪاش! مان وساريل هجان ها! ڪاش! ڪاش! ڪاش! منهنجي ماءُ ئي مونکي نه ڄڻي ها!

(ملخصاً احياء العلوم ج 4 ص 558 دارالڪتب العلميہ بيروت)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ وآلہٖ وسلم :جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

کاش کہ میں دنیا میں پیدا نہ ہُوا ہوتا  قبر و حشر کا سب غم ختم ہو گیا ہوتا
مصطفےٰ کی گلیوں کی چیونٹی بن کر آتا کاش  پُلصراط کا کھٹکا دل میں نہ پڑا ہوتا
آہ! سلْبِ ایماں کا خوف کھائے جاتا ہے
کاش میری ماں نے ہی مجھ کو نہ جنا ہوتا

## ڪير اُتي بي خوف رهندو؟

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** حُجَّةُ الاسلام امام محمد غزالي عليه الرحمه جي اِحياء العلوم جلد چوٿين ۾ لکيل فرمان جو خلاصو آهي "پُل صِراط جي مصيبتن ۽ دهشتن کي ياد ڪري خوب رنج ۽ غم ڪيو، قيامت جي هوش اڏائيندڙ حالات ۾ اهو ئي شخص وڌيڪ محفوظ هوندو جيڪو دنيا ۾ ان جي معاملي ۾ وڌيڪ ڏڪارو ۽ خوفزده رهندو، ڇو ته الله تعاليٰ ڪنهن تي به ٻه خوف جمع نٿو ڪري تنهن ڪري جيڪو ماڻهو دنيا ۾ پُل صِراط ۽ قيامت جي ڀيانڪ حالات کان ڊنو اهو آخرت ۾ ڇوٽڪارو حاصل ڪري وٺندو."

## عورتن وارو خوف

ڏسو! خوف مان دنيا دار عورتن وارو نفسياتي خوف مراد ناهي جو ٻڌندي ئي عارضي طور تي دل نرم ٿي وڃي ۽ ڳوڙها وهڻ لڳن پوءِ جلد ئي سڀ ڪجهه وساري ماڻهو راند روند ۽ مذاق مسخرين ۾ پئجي وڃي ان طرح جي روئڻ پٽڻ جو خوف

سان ڪو تعلق ناهي قاعدو هي آهي ته انسان جنهن شيءِ کان ڊڄندو آهي، ان کان پري ڀڄندو آهي ۽ جنهن شيءِ سان رغبت رکندو آهي ان جي طلب به ڪندو آهي پوءِ توهان کي اهو ئي خوف آخرت ۾ ڇوٽڪارو ڏياريندو جيڪو الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري تي آمادو ڪري ۽ نافرماني ۽ گناهن کان بچائي .

## بيوقوفن وارو خوف

ياد رکو! عورتن جي نرم دلي واري نفسياتي خوف کان به وڌيڪ بيوقوفن وارو خوف آهي جو جڏهن قيامت جي دهشتناڪ منظرن جي باري ۾ ڪو بيان وغيره ٻڌندا آهن ته فوراً انهن جي زبان تي اِستِعَاذَه يعني پناه گهرڻ وارا جملا جاري ٿي ويندا آهن ۽ چوڻ لڳندا آهن مَعَاذَالله، مَعَاذَالله ياالله مون کي بچاءِ بچاءِ، موليٰ مون تي ڪرم فرماءِ، منهنجي مدد فرماءِ، وغيره اهي سڀ فقط جذباتي ۽ عارضي الفاظ هوندا آهن دل جي گهراين مان نڪتل ناهن هوندا، انهن کي جذباتي ۽ عارضي الفاظ ان لاءِ چيو پيو وڃي جو هڪ طرف پناه به گهري رهيا هوندا آهن پر ٻئي طرف گناهن تي اڳي وانگر دليري به موجود رهندي آهي گناهن کي ڇڏڻ جو پڪو پهه ناهي هوندو، (مثلاً بي نمازي ۽ ڏاڙهي ڪوڙيل ڏاڙهي ڪوڙيل ئي رهندو آهي ڪوڙو ڪوڙ ڳالهائڻ ترڪ ڪرڻ جو پڪو پهه ڪندو ئي ناهي، وياج، رشوت، حرام ڪمائي، ۽

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

ڏوڪي بازي جو عادي اهي ڪم ڇڏيندو ئي ناهي، ڏارين عورتن ۽ امردن سان بدنگاهي ڪرڻ وارو فلم ڏسڻ ۽ گانن ٻڌڻ جو شوقين پنهنجن گناهن کان بچڻ جو حقيقي ذهن ٺاهيندو ئي ناهي، غير شرعي لباس پائڻ وارو، ماڻهن تي ظلم ڪرڻ وارو، زاني، شرابي، ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارو، ٻارن ٻچن کي شريعت ۽ سنت مطابق تربيت نہ ڏيڻ وارو، بي نمازين ۽ ماڊرن دوستن جي تباھ ڪندڙ صحبتن ۾ ويهڻ وارو وغيره پنهنجن پنهنجن گناهن تي اڳي وانگر قائم رهندو آهي)

## شيطان ڪنهن تي کِلندو آهي

جيڪي فقط وقتي طور تي يا ٻين کي ڏسي روئڻ ۽ پناھ گهرڻ لڳندا آهن اهڙن ڊرن ۽ جذباتي ماڻهن تي شيطان کِلندو آهي اهڙي نادان انسان جو مثال ائين آهي جيئن ڪو جهنگ ۾ ڪنهن مضبوط گهر جي ٻاهران وينو هجي ۽ پري کان شينهن جي گجگوڙ جو آواز ٻڌي ۽ پوءِ ڏسي تہ اهو شينهن حملو ڪرڻ لاءِ ان ڏانهن وڌي رهيو آهي، ان تي هو روئي زبان سان چوڻ شروع ڪري ڏي تہ مان شينهن کان هن گهر جي ذريعي پناھ گهران ٿو، مان هن مضبوط عمارت جي سبب مدد جو طلبگار آهيان، هاڻي هو جيڪڏهن پنهنجي جڳهه تي ويني ويني فقط زبان سان اهي جملا چوندو رهي تہ توهان پاڻ ٻڌايو تہ ڇا

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا .

ان بيوقوف جو جذبات ۾ اچي فقط روئڻ پٽڻ شينهن جي حملي کان بچائي سگهي ٿو؟ هرگز نه جيستائين هو خود پنهنجي بدن کي حرڪت ڏئي ڊوڙي ان گهر جي اندر پناهه حاصل نه ڪري ونئي، هن مثال کي سامهون رکندي توهان پاڻ ئي ٻڌايو ته جذبات کان متاثر ٿي روئي پوڻ ۽ فقط مٿان ئي مٿان کان خوف جو عارضي طور تي اظهار ڪرڻ ان صورت ۾ ڪيئن فائدو ڏئي سگهي ٿو جڏهن دل ۾ مَعَاذَاللّٰه هن طرح جا ارادا هجن ته اسان نه سڌريا آهيون نه سڌرنداسين .

(ملخصاً احياء العلوم ج 4 ص 559 دارالڪتب العلميه بيروت)

## آهستي آهستي نه، يڪدم گناهن کي ڇڏي ڏيو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** بيشڪ جذبات ۾ اچي عارضي طور تي روئڻ ۽ توبه ڪرڻ به جيڪڏهن اخلاص تي مَبنِي آهي ته ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ ضرور رنگ لاهيندو، پنهنجو ذهن ٺاهيو ته مان پنهنجو پاڻ کي سڌارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، پنهنجن گناهن کي ياد ڪري شرمساريءَ سان روئي روئي توبه ۽ واعدو ڪيو ته هاڻي ان شاء الله عَزَّوَجَلَّ مان فلاڻو فلاڻو گناهه نه ڪندس خبردار هتي شيطان اوهان کي مشورو ڏيندو ته جذباتي فيصلو سٺو ناهي هوندو، پنهنجي اصلاح آهستي آهستي ڪرڻ گهرجي، يڪدم ئي مولوي نه بڻجي وڃجان ۽ هٿون هٿ سنتن جي مدني قافلي ۾ عاشقان

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود شريف پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.

رسول سان سفر ڪرڻ مناسب ناهي، بس آهستي آهستي ڪوشش جاري رک، اجا تہ سجي عمر پئي آهي، هاڻي تنهنجي عمر ئي ڇا آهي! اجا تہ تنهنجي شادي بہ ناهي ٿي شادي کان پوءِ ڏاڙهي رکجان، بلڪ حج لاءِ ويندين تہ مديني منوره مان ڏاڙهي رکيون اچجانءِ، ۽ جڏهن پوڙهو ٿي وڃي تہ عمامو پائجانءِ وغيره وغيره، **مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خدا جو قسم! اهو شيطان جو خطرناڪ تمام خطرناڪ وار آهي توبہ ۾ دير ڪرڻ خطرناڪ آهي ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي هن ڳالھ تي شيطان فوراً وسوسو ڏيڻ لڳي تہ مان توکي توبہ کان ڪٿي ٿو روڪيان بيشڪ فوراً ۽ هاڻي جو هاڻي توبہ ڪري وٺ.

## توبھ جي قبول ٿيڻ جا ٽي شرط

اي منهنجا سادا اسلامي ڀائرو! ڳلن تي ڪجھ ڀيرا هلڪي هلڪي ٿَڦَ هڻڻ جو نالو توبہ ناهي.توبہ جا شرط بہ ذهن نشين ڪري ڇڏيو، توبہ جا ٽي رڪن آهن جيڪڏهن انهن مان هڪ رڪن بہ گهٽ هوندو تہ ان جي تلافي بہ لازمي آهي، مثلاً بي نمازي جي توبہ انهيءَ وقت توبہ چورائيندي جڏهن پوين نمازن جي قضا بہ ڪري، ڪنهن جو مال يا پئسا ڦريا هئا يا ڦٻائي ورتا هئا تہ توبہ ان صورت ۾ ٿيندي جڏهن انهن کي واپس ڪري يا انهن کان معاف ڪرائي خالي معافي گهرڻ ڪافي ناهي هوندو

جيستائين حقدار معاف نہ ڪري، ها جيڪڏهن حقدار فوت ٿي چڪو آهي تہ ان جي وارثن کي پئسا واپس ڪري يا ڪجھ معلوم ئي ناهي تہ ڪنهن ڪنهن جا پئسا ڪائي ڇڏيا اوترا پئسا ڪنهن فقير يا مسڪين کي خيرات ۾ ڏئي ڇڏي، حُقُوقُ الْعِبَاد جي انهن احڪامن جي تفصيلي معلومات لاءِ تحريري بيان جو رسالو "ظلم کا انجام" هديو ڏئي مڪتبة المدينہ تان حاصل ڪري پڙهو يا ان جي ڪيسٽ حاصل ڪري ٻڌو.

## آهستي آهستي نہ فورًا اصلاح ٿيڻ گهرجي

بهرحال آهستي آهستي سڌرڻ جو ذهن ٺاهي رکڻ خطرناڪ هوندو آهي جو موت فقط پوڙهن، ڪينسر يا دل جي مريضن ئي کي ايندو آهي ائين ناهي، روزانو نہ ڄاڻي ڪيترائي جانا جوان حادثن جو شڪار ٿي اوچتو موت جو شڪار ٿي ويندا آهن، سيلاب ۽ زلزلي جي ذريعي بہ اوچتو موت اچي پڪڙيندو آهي.

## 2 لک 20 هزار کان وڌيڪ موت

هاڻي گذريل ڏينهن جي ئي ڳالھ آهي جيڪا سيني کي ياد هوندي ۽ اها آهي "سونامي ءَ جي آفت" جيڪا بلڪل اوچتو ئي نازل ٿي هئي 20-1-2005 جي جنگ اخبار جي خبر مطابق انهيءَ آفت سان يارهن ملڪن ۾ مرڻ وارن جو تعداد 2 لک 20 هزار کان وڌيڪ هو، اهو حادثو سراسر عبرت آهي، ان سڄيءَ دنيا کي

لوڏي ڇڏيو پر آهه! گناهن ۾ گهٽتائي اچڻ جو نه ٻڌو ويو عبرت خاطر روزنامي جنگ 20-1-2005 جو هڪ آرٽيڪل ضرورت آهر تبديلي سان پيش ڪيان ٿو .

## سامونڊي زلزلي جون تباهه ڪاريون

انڊونيشيا جي صوبي ”آچي“ جي گادي وارو هنڌ ”بنده آچي“ سونامي يعني سامونڊي زلزلي سبب سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيو، فقط هن شهر ۾ مرڻ وارن جو تعداد هڪ لک کان وڌي چڪو آهي ”بنده آچي“ ۾ موجود صحافي هن شهر جي تباهي جو اکين ڏٺو احوال بيان ڪندي ٻڌايو ته هي آباد ۽ خوشحال، خوبصورت ۽ زندگي سان ڀرپور شهر ڪو ٻيو نه 26 ڊسمبر 2004 کان اڳ وارو بنده آچي آهي، پوءِ سونامي (يعني سامونڊي زلزلو) آيو ۽ هن منٽن ۾ هن وسندڙ شهر کي ملبي جو ڍير بڻائي ڇڏيو سونامي پاڻ سان گڏ نه فقط هن شهر جي خوبصورتي ۽ خوشحالي ڪٽي ويو بلڪ هزارين خاندانن کي تباهه ۽ هزارن کي اڌورو ڇڏي ويو، هڪ غير سرڪاري انڊونيشيائي تنظيم جي انگن اکرن مطابق ساڍن ٽن لکن جي آبادي واري ”بنده آچي“ جي تقريباً 60 فيصد آبادي سونامي جي حوالي ٿي چڪي آهي هن شهر ۾ اجا تائين جڳهه جڳهه تي لاش وکريل پيا آهن ۽ روزانو هزارين لاشن کي اجتماعي طور تي دفن ڪيو پيو وڃي، جيڪي سونامي کان

بچي ويا آهن اهي ڪيمپن ۾ سڏڪندي پنهنجن وڇڙيلن کي ياد ڪري رهيا آهن هتي ڪيترائي ماڻهو اهي آهن جيڪي پنهنجو پورو خاندان وڃائي چڪا آهن انهن جي اکين ۾ موجود حيرت ۽ ڳولا شايد ڪڏهن ختم نه ٿيندي، هي اهي ماڻهو آهن جن پنهنجي اکين جي سامهون پنهنجن پيارن کي موت جي منهن ۾ ويندي ڏٺو، انهن جي ڏک جي گهرائي جو اندازو لڳائي نٿو سگهجي، پهرين زلزلي شهر کي لوڏي ڇڏيو ۽ پوءِ سونامي اها تباهي مچائي جيڪا هن نسل دنيا ۾ ڪٿي ناهي ڏٺي، چون ٿا ته جيڪڏهن اهو طوفان ڏينهن بجاءِ رات جو اچي ها ته جيڪي بچي ويا آهن شايد اهي به نه بچي سگهن ها سونامي جتان جتان گذريو رستي ۾ اچڻ واري هر شيءِ کي برباد ڪندو ويو ۽ پنهنجي پنيان فقط موت ۽ تباهي ڇڏي ويو، "بنده آچي" جي وچ ۾ وهڻ وارو پُر سڪون درياءُ اتر کان ڏکڻ ڏانهن وهندو آهي پر سونامي جي گجگوڙ ڪندڙ طوفان ان کي ڏکڻ کان اتر طرف وهڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو".

## اهو واقعو نئون ناهي

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خدا جو قسم ! هن تازه ترين واقعي ۾ اسان لاءِ عبرت، عبرت ۽ سراسر عبرت آهي، ڇا اڃا به اسان توبه تي آمادا نه ٿينداسين؟ بربادي ۽ ويراني جو هي واقعو ڪو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُود شريف نہ پڙهي.

نئون ناهي ائين پهرين بہ ٿيندو رهيو آهي، جنهن جي خبر اسان کي خود الله عزوجل جو سچو ڪتاب ڏئي رهيو آهي جيئن 25 سيپاري سورۃ الدُخان جي آيت نمبر 25 کان 29 ۾ اشاد آهي تہ

كَمْ تَرَكُوْا مِنْ جَنّٰتٍ وَّعُيُوْنٍ ۝ وَّ زُرُوْعٍ وَّ مَقَامٍ كَرِيْمٍ ۝ وَّ نَعْمَةٍ كَانُوْا فِيْهَا فٰكِهِيْنَ ۝ كَذٰلِكَ قف وَ اَوْرَثْنٰهَا قَوْمًا اٰخَرِيْنَ ۝ فَمَا بَكَتْ عَلَيْهِمُ السَّمَآءُ وَالْاَرْضُ وَمَا كَانُوْا مُنْظَرِيْنَ ۝

**ترجمو ڪنزالايمان** ڪيترائي ڇڏي ويا باغ ۽ چشما ۽ پوڪون ۽ سٺيون جايون ۽ نعمتون جن ۾ بي فڪر گذاريندا هئا، اسان ائين ئي ڪيو ۽ انهن جو وارث ٻي قوم کي ڪري ڇڏيو پوءِ انهن تي نہ تہ آسمان رنو ۽ نہ زمين ۽ انهن کي مهلت نہ ڏني وئي.

## جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** توهان غور فرمايو؟ عمده عمده گهر ناهڻ وارا خوبصورت باغ سجائڻ وارا ۽ سبز سبز فصلن وارا اوچتو موڪلائي ويا ۽ سندن ڇڏيل مال ملڪيت کي ٻين جو مالڪ بڻايو ويو نہ ان تي زمين رني نہ آسمان، نہ ئي انهن کي مهلت ڏني وئي انهن جو نالو نشان مٽايو ويو، انهن جو ذڪر ختم ٿي ويو بس هاڻي اهي آهن ۽ انهن جا اعمال تہ هيءَ دنيا بس عبرت ئي عبرت آهي.

جہاں میں ہیں عبرت کے ہر سو نمونے — مگر تجھ کو اندھا کیا رنگ و بو نے
کبھی غور سے بھی یہ دیکھا ہے تو نے — جو آباد تھے وہ مکاں اب ہیں سونے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے — یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے
جہاں میں کہیں شورِ ماتم بَپا ہے — کہیں فقر و فاقہ سے آہ و بُکا ہے
کہیں شِکوہ جَور و مکر و دَغا ہے — غَرَض ہر طرف سے یہی بس صدا ہے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے — یہ عبرت کی جا ہے تماشہ نہیں ہے

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

کرلے توبہ رَبّ کی رَحمت ہے بڑی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ان کان اڳ جو هي گوڙ مچي تہ هن جو انتقال ٿي ويو آهي، هاڻي جلدي جلدي غسل ڏينڌڙ کي گهرايو پوءِ غسل ڏينڌڙ تختو کنيون ايندو هجي، غسل ڏنو پيو وڃي، ڪفن پارايو وڃي، پوءِ اونداهي قبر ۾ لاٿو وڃي، اهو سڀ پيش اچڻ کان اڳ ۾ ئي مڃي وٺو جلدي جلدي توبہ ڪري وٺو، اجا توبہ جو وقت موجود آهي

کرلے توبہ رَبّ کی رَحمت ہے بڑی قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** موت جي تياري، قبر حشر ۽ پُل صِراط تان گذرڻ جي آساني جي حصول جي تڙپ پاڻ ۾ پيدا ڪرڻ لاءِ مدني قافلن ۾ سفر کي پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو. الحمدللہ مدني قافلن ۾ سفر جي سچي نيت بہ ڪڏهن ڪڏهن نجات جو سبب بڻجي ويندي آهي جيئن هن واقعي مان ظاهر آهي، جيئن

## باغ جو پينگهو

حيدرآباد (باب الاسلام سنڌ) جي هڪ پاڙي ۾ علائقائي دؤري براءِ نيڪيءَ جي دعوت کان متاثرٿي هڪ ماڊرن نوجوان مسجد ۾ اچي ويو. بيان ۾ مدني قافلن ۾ سفرجي ترغيب ڏياري وئي تہ ان مدني قافلي ۾سفر لاءِ نالو لکرايو اجا مدني قافلي ۾ ان جي روانگي ۾ ڪجھ ڏينهن باقي هئا تہ قضاءِ الٰهيعزوجل سان

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.

ان جو انتقال ٿي ويو گهروارن مان ان کي ڪنهن خواب ۾ اهڙي حالت ۾ ڏٺو جو هو هڪ سرسبز باغ ۾ تمام گهڻو خوش ۽ سرهو پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي پڇا ڪئي ته هتي ڪيئن اچي وئين؟ جواب ڏنائين، دعوت اسلامي جي مدني قافلي سان گڏ آيو آهيان الله عَزَّوَجَلَّ جو وڏو ڪرم ٿيو آهي، منهنجي ماء کي چئجو ته منهنجو ڏک نه ڪري هتي مان تمام گهڻو خوش آهيان.

لوٹنے رَحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سُنّتیں قافلے میں چلو
کرلو اب نیّتیں قافلے میں چلو　　پاؤ گے جنّتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللّٰهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هي سڀ الله جي مَشِيَّت تي آهي جو جيڪڏهن چاهي ته ڪنهن هڪ گناهه تي پڪڙ فرمائي ۽ چاهي ڪنهن هڪ نيڪي تي نوازي ڇڏي. يا پنهنجي پياري محبوب جي شفاعت سان يا پنهنجي فضل سان بنا حساب جي مغفرت فرمائي ڇڏي. جيئن سيپاري 24 سورۃُ الزُمَر جي آيت نمبر 53 ۾ خدا رحمٰن جو فرمان مغفرت نشان آهي.

قُلْ يٰعِبَادِيَ الَّذِيْنَ اَسْرَفُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا ؕ اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ۝

**ترجمو ڪنزالايمان** تون فرماءِ! اي منهنجا ٻانهو جن پنهنجو پاڻ تي زيادتي ڪئي الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو، بيشڪ الله سمورا گناهه بخشي ٿو، بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان آهي.

## اقامت کان پوءِ امام صاحب اعلان ڪري

پنهنجون پنيون، ڪنڌ ۽ ڪلها هڪ سڌ ۾ ڪري صف سڌي ڪريو، ٻن ماڻهن جي وچ ۾ جڳهه ڇڏڻ گناهه آهي، ڪلهي سان ڪلهو ملائي رکڻ واجب، صف سڌي رکڻ واجب ۽ جيستائين اڳين صف ڪنڊ تائين پوري نہ ٿي وڃي، جاڻي واڻي پوئتي نماز شروع ڪري ڏيڻ واجب جو ترڪ گناهه آهي، 15 سالن کان ننڍين ٻارن کي صفن ۾ نہ بيهاريو انهن کي ڪنڊ ۾ بہ نہ موڪليو، ننڍين ٻارن جي صف سڀ کان آخر ۾ بڻايو.

(صف سڌي ڪرڻ جا احڪام فتاوٰي رضويہ ج 7 ص 219 تا 225 )

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻئي کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن ، عرسن ۽ ميلاد جي محفلن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ جي شايع ڪيل رسالن ۽ مدني گلن تي مشتمل پمفلٽ تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراهڪ کي بہ ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار فروشن يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي محلي جي گهر گهر ۾ هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ هڪ عدد سنّتن ڀريو رسالو يا مدني گلن جو پمفلٽ پهچائي ڪري نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو .

